سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ

# ڪليڪٽو

جنوري 2008



## نجي تعليمي ادارن جي مدد ڪرڻ جو پروگرام بٽي فيز جو عمل ۾ اچڻ

سپورٽ ٽو پرائيويٽ ايجوڪيشن انسٽيٽيوٽ پروگرام(SPEIP) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي متعارف ڪرايل هڪ نئين رٿا آهي، جنهن جو مقصد پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ڪي قائم ڪندي معياري تعليم مهيا ڪرڻ آهي. اهو پروگرام پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي اصولن تحت ڪم ڪندو ۽ ان جون سموريون ڪوششون نجي اسڪولن کي سٺي لاءِ بهترين سکيا جي مرڪزن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هونديون.

(SPEIP) پنهنجن ساٿي سستن نجي اسڪولن جي سنڌن خواهشن مطابق تعليمي معيار وڌائڻ ۽ انهن کي سکيا جي بهترين ادارن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڀرپور سهڪار ڪري ٿو. پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي طئه ڪيل اصولن تي ڪم ڪندي ان جو اهم مقصد معياري تعليم جي حاصلات آهي.(SPEIP) جو بنيادي مقصد اسڪولن کي هر سطح تي ادارتي طور مضبوط ڪرڻ ۽ انهن جون انتظامي قابليتون وڌائڻ سان گڏو گڏ سنڌن ۾ صلاحيتون پيدا ڪرڻ به آهي. اهو هڪ مؤثر ۽ نتيجه خيز رٿابنديءَ تحت ئي ممڪن آهي جو انهن ساٿي اسڪولن جي ادارتي، فني ۽ انساني وسيلن جي صلاحيتن کي بهتر طريقي سان وڌائجي. والدين ۽ ڪميونٽي جي اڳيان اسڪولن جو احتساب ڪرائڻ هن پروگرام جو مک حصو آهي. انهيءَ سان گڏ پروگرام ذريعي هڪ تحقيقي پراجيڪٽ پڻ شروع ڪيو ويندو جنهن سان سستي ۽ اعلي معيار جي ادارن لاءِ سکيا جا نوان انداز پڻ تعمير ٿيندا.

سپورٽ ٽو پرائيويٽ ايجوڪيشن انسٽيٽيوٽس پروگرام(SPEIP) جي شروعات 2003ع ۾ ٿي جنهن تحت ڪراچي، حيدرآباد، خيرپور، دادو، بدين ۽ ٺٽي جي 300 اسڪولن کي فني ۽ تعميري جوڙ جڪ لاءِ مدد فراهم ڪئي وئي. ٻئي فيز جي پروگرام جي شروعات آگسٽ 2007ع کان ٿي چڪي آهي جنهن جو ميعاد جون 2008ع تائين رهڻو آهي ۽ ماضيءَ ۾ شروع ڪيل پروگرام جي ڪيل ڪارڪردگي جي بنياد تي هلندو ۽ جنهن ذريعي ادارن کي وڌيڪ سگهاري بنائڻ ۽ انهن اسڪولن جي معيارڪي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ معياري تعليم جي حصول جو جائزو ورتو ويندو. اسڪولن جي معياري جائزي لاءِ (Quality Assurance Resource Centre) پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو. ان کان علاوه ساٿي اسڪولن کي تربيت ڏيڻ ۽ تعليم جي بهتريءَ لاءِ سنڌن صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ مدد فراهم ڪئي ويندي ته جيئن اهي پنهنجي صلاحيتن کي مختلف رخن ۾ بهتر ڪن.

## مئنيجنگ ڊائريڪٽر جو پيغام :



سنڌ اندر تعليم ۾ نواڻ آڻڻ ۽ ملڪ جي مُکيه فائونڊيشن جي حيثيت سان ايس اِي ايف وٽ حاصلاتن ۽ ڪاميابين جو حيرت ۾ وجهندڙ هڪ بنه مختلف قسم جو پورٽ فوليو آهي. اهو اسان جي ساٿي دوستن، اسٽيڪ هولڊرس ۽ گهڻ گهرن جي اڻٿڪ محنتن ۽ مضبوط وابستگيءَ جو نتيجو آهي. اسان کي اجان اڳيان گهڻو ڊگهو سفر طئه ڪرڻو آهي جنهن ۾ اسان کي ڪيترن ئي ٻارن، انهن جي والدين ۽ ڪميونٽيز تائين تعليم جو پيغام پهچائڻو آهي. خاص ڪري هن تيزيءَ سان بدلجندڙ وقت ۾ خود ثنائيءَ وارين ڪوششن کان هٽي ڪري وڌيڪ ضرورت ان شيءَ جي آهي ته اسان تعليم جي ڀَلاءَ واري مقصد سان پنهنجي ڀرپور سچائي کي قائم رکون.

هيٺين سطح تائين ڪميونٽيز کي وڌ کان وڌ فائدا پهچائڻ لاءِ ايس اِي ايف جون اهي لڳاتار ڪوششون رهيون آهن ته موجود وسيلن جو گهٽ ۾ گهٽو استعمال ٿئي ته جيئن تعليم جي فراهمي ۽ سهولتن ۾ گهٽي کان گهٽي سيڙپ ڪري سگهجي. فائونڊيشن اهڙن پروگرامن جي رٿابنديءَ ڏانهن ان انداز سان وِکَ وڌائي رهي آهي، ته جيئن ايس اِي ايف جي تعليمي ڪوشش سان مهارتن کي اڻ ٿڪندڙ صورتحال ۾ هيٺين سطح تي ڊگهي مدت تائين قائم رکي سگهجي. ان مد ۾ ايس اِي ايف پنهنجي سموري اداري ۾ گهٽ خرچ وارا معيار لاڳو ڪندي ته جيئن پنهنجن اسڪولن جي ادارتي بهتريءَ لاءِ گهٽي کان گهٽ وسيلن کي هيٺين سطح تي منتقل ڪري سگهجي. مون کي اميد آهي ته توهان سڀ اسان جي اهڙي قسم جي توقع کي مان بخشيندي ان مد ۾ اسان جي مدد ڪندا، جيڪو سهڪار توهان اسان سان ماضي ۾ ڪندا رهيا آهيو. مون کي ان ڳالهه جي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي ته اسان جو هي نئون ڪليڪٽو ايس اِي ايف جي وڌندڙ نيٽ ورڪ جي ساٿي دوستن ۽ اسان جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ جي ذريعي پائيدار معياري تعليم ۽ ان جي اطلاق لاءِ ورتل اسان جي وسيع ڪوشش جو هڪ ٻيو مثال آهي.

# ايس اي ايف جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي پورٽ فوليو جو وڏيڪ مستحڪم ٿيڻ

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ حڪومت جي ورتل ڪوشش جو اهو نچوڙ آهي جنهن جي ذريعي پاڪستان جي عوامي خدمتن واري شعبي ۾ هڪ وڏي تبديلي رونما ٿي آهي. انهيءَ سگهاري عهد جي لبِ لباب تحت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي يونٽ جو قيام عمل ۾ آندو آهي، جنهن جو مقصد معياري تعليم جي حصول لاءِ ورتل ڪوشش ۾ انهن خدمتن ۾ وڏيڪ بهتري آڻڻ لاءِ نجي ۽ عوامي ادارن جي وچ ۾ تعلقاتن ڪي وڌائڻ آهي. پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ هاڻ سماج ۾ پنهنجي اهميت حاصل ڪندو پيو وڃي ۽ گورنمينٽ پڻ هڪ نظرئي جي حيثيت ۾ انهيءَ شعبي ڪي اهميت ڏيڻ تي زور ڏيئي رهي آهي خاص ڪري تعليم جي شعبي ۾، جيئن اِهو شعبو، تعليمي شعبي ۾ ٿيندڙ بهترين جي حاصلات ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي.

## پاڪستان سينٽر فار فائلنٿراپي PCP سان شراڪت

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ پاڪستان سينٽر فار فائلنٿراپي PCP سنڌ اندر سرڪاري تعليم جي نظام جي بهتري لاءِ گڏيل مقصدن جي بنياد تي هڪٻئي جا ساٿاري آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ گڏيل ياداشت نامي MoU جي تقريب27 جولاءِ 2007ع تي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي آفيس ۾ ٿي گُذري جنهن ۾ پروفيسر انيتا غلام علي مئنيجنگ ڊائريڪٽر SEF ۽ محترمہ شهناز وزير علي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر PCP جي وچ ۾ اهو گڏيل ياداشت نامو دستخط ڪيو ويو، اهڙي ڀائيچاري جو مقصد ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام (Adopt a School Programme)ڪي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻنهن پارٽنرن جي وچ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت ڪم جي بهتر تعلقاتن تحت ٿيو. تحقيق ۽ ترقيءَ جي ساک جي بنياد تي SEF طرفان ۽ موبلائيزيشن جي مضبوط وسيلن واري نظام تحت PCP طرفان هي معاهدو گڏيل ڪاروباري نظام هيٺ متفقہ راءِ سان تعليم جي بهتريءَ ۽ وسيع مفادن لاءِ منطقي قدم کڻڻ تي ٿيو آهي.

SEF طرفان ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام (Adopt a School Programme) جي شروعات 1997ع ۾ ڪئي ويئي ۽ سنڌ جي 11 ضلعن جي 167 اسڪولن ڪي انهيءَ سلسلي ۾ مدد فراهم ڪئي پئي وڃي. تعليم بابت پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت PCP سنڌ اندر 55 سرڪاري اسڪولن جي بهتري لاءِ عوامي شعور ڪي متحرڪ ڪندي. SEF ۽ PCP ٻئي اها ڪوشش ڪنديون تہ صوبائي ۽ ضلعي تعليم کاتن جي رابطن ڪي بهتر ڪان بهتر ڪيو وڃي ۽ سموري سنڌ اندر اتان جي رهاڪو سماجي ڀلائيءَ وارن ماڻهن، تجارتي جماعتن ۽ غير منافع بخش تنظيمن NGO's ڪي سرڪاري اسڪولن جي بهتري خاطر ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پڻ همٿايو وڃي.

## رورل بيسڊ ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪول پروگرام (RBCS)

آر بي سي ايس پبلڪ سيڪٽر ڊويلپمينٽ پروگرام 2007_08 تحت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي هڪ نئين متعارف ڪرايل اسڪيم آهي. هن پروگرام جو مقصد سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ موجود پٺتي پيل سماجي گروهن ڪي معياري تعليم جون وڏيڪ سهولتون مهيا ڪرڻ آهي.اهڙي قسم جون ڪوششون حڪومتِ پاڪستان جي ايجوڪيشن سيڪٽر ريفارم (2001_11) تحت ورتيون وينديون، جنهن سان هر سطح تي تعليم جي معيار ۾ واڌاري، ماڻهن جي پهچ ۽ برابري واري تصور سميت پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ جي ڪردار ڪي سڃاڻپ ملندي.

هن پروگرام جي ذريعي گهٽ ۾ گهٽ 15000 شاگردن، استادن، والدين ۽ اين جي اوز جي اسٽاف ڪي 250 رورل بيسڊ ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولن جي ذريعي سنئون سڌو فائدو پهچندو. انهن اسڪولن ڪي سنڌ صوبي جي 10 ضلعن ۾ هيٺين سطح تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز جي سهڪار سان تعمير ڪيو ويندو. ان مد ۾ ادارن جي مضبوطي لاءِ ورتل ڪوششون تعليم ڏيندڙ ۽ انتظامي عملدارن جي لاءِ هڪ سسٽميٽڪ ڊويلپمينٽ پروگرام طرف ڌيان ڏيندي، پيشہ وراڻا ترقيءَ جي موقعن ۽ ترغيب ۾ پڻ اضافو ٿيندو، ڪردار ۽ ذميوارين ڪي واضح طور تي بيان ڪيو ويندو ۽ مضبوطي سان ادا ڪيل ڪردار جي جائزي جو هڪ طريقہ ڪار جوڙيو ويندو. ان سان گڏوگڏ ٻارن ۽ نوجوانن ڪي وڏيڪ بهتر نصاب سان گڏ تعليمي سهولتون پڻ مهيا ڪيون وينديون ۽ اهڙي قسم جون تفريحي سرگرميون بہ ڪرايون وينديون جن سان نہ صرف انهن جي پڙهائيءَ وارين صلاحتن تي مثبت اثر پوي پر ترقيءَ جي مختلف مسئلن جهڙوڪ : صحت، روڊ تي بچاءَ ۽ زندگي جي بهتر معيار بابت پڻ ڄاڻ ملي.

## ACCESS جا گريجوئيٽ شاگرد

ويجهڙ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مرڪزي آفيس ۾ ACCESS جي پراجيڪٽ ڪي ٻہ سال مڪمل ٿيڻ تي هڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو. ACCESS پراجيڪٽ انگريزي سيکارڻ جو هڪ پروگرام آهي جنهن ذريعي شاگردن ڪي انگريزي سيکارڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ٿا. ACCESS جا ٻہ مرڪز گهٽ فيس وارن نجي اسڪولن ۾ کوليا ويا جن مان 13 کان 18 سالن جي عمر جي شاگردن فائدو ورتو. پراجيڪٽ ڪي مالي سهڪار آمريڪن ڪائونسليٽ ڪراچي طرفان مهيا ڪيو ويو ۽ ان ڪي هلائڻ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم SEF ڪيو. اها تقريب ACCESSجي پراجيڪٽ مان فائدو وٺي انگريزي ٻوليءَ ۾ گريجوئيٽ ڪندڙ 60 شاگردن جي اعزاز ۾ منعقد ڪئي وئي. ان پروگرام ۾ شاگردن، استادن ۽ پرنسپال ڪي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا. وڏيڪ اهو تہ ان پروگرام ڪي ستن مهينن جي مدي تائين وڌايو ويو تہ جيئن انهن شاگردن ڪي ايڊوانس انگريزي ٻولي سکڻ جا گُر سيکاريا وڃن.



يو ايس ڪائونسليٽ جنرل محترمہ ڪيئي آنسڪي ۽ پروفيسر انيتا غلام علي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايس اِي ايف انگريزي جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد ڪي سرٽيفڪيٽ ڏيندي.

# انٽيگريٽيڊ رورل ڊولپمينٽ ماڊل جي رهنمائي





سنڌ ايجوڪيش فائونڊيشن جي وومين لٽريسي اينڊ ايمپاورمينٽ پروگرام (WLEP) ۽ ڪيٽڪو ڪڊز جي تربيتي اداري جي سهڪار سان هڪ فيملي ريسورس سينٽر (FRCS) جو بنياد ڪيٽڪو جي ڪميونٽي آئوٽ ريچ پروگرام تحت وڌو ويو آهي. FRCچشما ڳوٺ ۾ تيار ڪيو ويو آهي جيڪا WLEP جي تيار ڪيل هڪ ڪميونٽي منجهان آهي. WLEP جو وومين لٽريسي اينڊ ايمپاور مينٽ سينٽر 2001 کان چشما ڳوٺ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هي پروگرام شروع کان وٺي سماجي، ثقافتي، گهرو ، ذاتي، قانوني ۽ ان سان گڏو گڏ عورتن جي نفسياتي پاڻ ڀرائپ لاءِ پڻ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سکڻ جي وسيع مواد، بنيادي خواندگي، مسلسل هلندڙ تعليم ۽ صحت متعلق ڪوششون پڻ وٺي رهيو آهي ۽ عورتن کي ان معاملي ۾ بہ متحرڪ ڪري رهيو آهي تہ هو پنهنجي سماجي بهتريءَ لاءِ تنظيمن جو بنياد وجهن. ان ڳالهہ کي محسوس ڪندي تہ معاشي طرح پاڻ ڀرائپ حاصل ڪرڻ معنيٰ عورتن کي اختيار ملڻ ۽ ٻين معاملن ۾ پڻ پاڻ ڀرائپ حاصل ڪرڻ سان معاشي ترقيءَ جو گهرو واسطو آهي،تنهنڪري WLEP 2006ع سکيا حاصل ڪندڙ عورتن لاءِ چشما ڳوٺ جي WLEC ۾ فني تربيتن جي ڪورس کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ سينٽر جو بنياد وڌو.

ويجهڙ ۾ ايس اي ايف ڪيٽڪو ڪڊز انڪارپوريشن کي ڪيٽڪو جي فيملي رسورس سينٽر FRC جيڪو اڳ ئي چشما ڳوٺ ۾ موجود هو ان جي واڌاري ۾ مدد فراهم ڪئي آهي. FRC هڪ انٽيگريٽيڊ رورل ڊولپمينٽ ماڊل آهي، جيڪو ملينيم ڊولپمينٽ گول سان وابسطہ مختلف معاملن تي ڪم ڪري ٿو جن ۾ بنيادي صحت جي سهولتن، ٻارن جي شروعاتي تعليم، عورتن جو معاشي طور پاڻ ڀرائپ حاصل ڪرڻ ۽ عورتن جي مدد لاءِ مهيا ٿيندڙ خدمتن جهڙوڪ، ٻارن جي سنڀال ۽ صلاح مشوري جهڙيون سرگرميون پڻ شامل آهن. WLEC ۾ سکيا وٺندڙ عورتون FRC جي پيشقدميءَ مان ڀرپور فائدو حاصل ڪندڙ عورتون آهن.

# فائونڊيشن جي طرفان عورتن جي پاڻ ڀرائپ واري عمل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ورتل ڪوششون



سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي عورتن جي تعليم ۽ پاڻ ڀرائپ واري پروگرام (WLEP) جي مسلسل اها ڪوشش رهي آهي تہ اهي مختلف ڪميونٽيز جي ضرورتن کي وڏي پئماني تي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ سگهارو بڻائي . پروگرام کي وڌيڪ سگهاري بنائڻ واري حڪمت عملي تحت ايس اِي ايف تازو ئي The Give 2 Asia Grant and the Asia foundationذريعي Jhonson & Jhonson کان فنڊ وٺڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. انهي فنڊ جي مدد سان سال 2007ع ۽ 2008ع دوران مختلف سرگرمين جي رٿابندي ڪئي وئي آهي جنهن ۾ سيوهڻ، ملير ۽ ٽنڊوالهيار ضلعن ۾ عورتن جي تعليمي ۽ پاڻ ڀرائپ وارن مرڪزن وليپ ۾ تقريباً 1300 تعليم حاصل ڪندڙ عورتن ۽ 400 ٻارن کي سکيا ڏني ويندي. انهيءَ مدد جي صورت ۾ وڏي عمر جي ماڻهن جي تعليمي نصاب، صحت بابت تعليم، صحت جي ڪئمپن، ٻارن جي شروعاتي عمر واري نشوونما ۽ تعليمي پروگرامن ۾ پڻ بهتري ايندي. سمورين سرگرمين کي بهترين طريقي سان عملي جامو پهرائڻ لاءِ فيلڊ ليول تي ڪم ڪرڻ سان گڏ مختلف تنظيمن سان بہ رابطن کي وڌايو ويندو تہ جيئن انهن جي مدد سان ٽيڪنيڪل مهارتون، وسيلن جي استعمال، تجربن جي ڏي وٺ ۽ تربيتن ڏيڻ ۾ سهڪار حاصل ڪري سگهجي.

# سنڌ جي ٻوڏ متاثر ضلعن ۾ رليف لاءِ ورتل ڪوششون

عالمي اداري جي ذريعن مطابق گذريل سال سنڌ ۽ بلوچستان ۾ چئن ڏينهن جي تيز ۽ طوفاني برساتن سبب 324 ماڻهو فوت ۽ 224 ماڻهو لاپتا آهن. هڪ اندازي مطابق 25 لک ماڻهو ۽ 6?500 ڳوٺ متاثر ٿيا آهن ۽ 8000 گهر مڪمل طور تي تباهہ ٿيا. 370?000 کان بہ وڌيڪ ماڻهن کي نقل مڪاني ڪرڻي پئي. جن مان ڪيترائي ڪافي وقت تائين اسڪولن، روڊن جي ڀرسان ٿاهيل عارضي پناهہ گاهن يا امدادي ڪئمپن ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي جان بچائڻ لاءِ رهيا.

فائونڊيشن جي ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪول پروگرام (سي ايس ايس پي) طرفان ضلعي دادو ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثر علائقن جي ماڻهن جي مدد ڪئي وئي. 35000 هزار کان مٿي ماڻهن کي پنهنجا اباڻا گهر ڇڏڻا پيا ۽ مختلف اين جي اوز طرفان قائم ڪيل رليف ڪئمپن ۾ رهڻو پيو. سي ايس ايس پي ٽيم پڻ انهن ماڻهن ۾ ضرورت جون شيون جهڙوڪ تنبو، دوائون، کاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻاٽي وغيره تقسيم ڪيو. انهيءَ ڪار خير ۾ جيڪو فنڊ مليو ان کي پروگرام طرفان هڪ منظم انداز سان ٻوڏ متاثر ماڻهن جي وسيلن لاءِ ڪتب آندو ويو.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٽيم تهہ دل سان AKU-IED ۽ گرلس گائيڊ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين سان گڏو گڏ محترم حسان فاروقي صاحب جن جي ٿورائتي آهي جن ڪليءَ دل سان اهڙي ڏکي گهڙيءَ ۾ اسان سان سهڪار ڪيو.

# ڪوالٽي اشوئرنس رسورس سينٽر (QARC) جي جامع تڪميل جو ٻيو مرحلو

سنڌ سرڪار جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري شعبي (Department of Education & Literacy) جي تعاون سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪوالٽي اشوئرنس رسورس سينٽر QARC جو بنياد وڌو آهي، جنهنجو مقصد بهتر ۽ معياري تعليم جي مختلف رخن جي جاچ ڪرڻ آهي.

هن وقت سرڪاري ۽ نجي اسڪولن ۾ تحقيقي بنيادن تي جانچ پڙتال جو ڪو بہ بهترين نظام موجود نہ آهي.QARC هر سطح تي تعليم جي بهتريءَ لاءِ Quality Assurance Certificate Programme) جوڙي رهي آهي انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ QARC هڪ وک اڳتي وڌائيندي (سرڪاري، غير سرڪاري ۽ ڪميونٽيءَ جي بنيادن تي) هلندڙ اسڪولن کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ جاچ پڙتال وارو نظام جوڙي رهي آهي. اهڙي قسم جي پروگرام سان ٻارن جي والدين کي پڻ ان ڳالهہ ۾ هٿي ملندي تہ هو پاڻ بہ ان ڳالهہ جو جائزو وٺن تہ سندن ٻارن لاءِ ڪهڙي قسم ۽ نموني جو اسڪول صحيح ۽ بهتر آهي.سڀ کان اهم ڳالهہ تہ QARC طرفان اهڙي قسم جو تجزيو ۽ تحقيقي نقطن جو بنياد رکيو وڃي ٿو جنهن سان اسڪولن جي تعليم جي معيار جو اندازو بهتر طرح لڳائي سگهجي. انهيءَ طريقي سان عام ماڻهن کي اسڪولن جي معيار کي جاچڻ ۾ سولائي ٿيندي.

(QARC) ساٿي اسڪولن/تنظيمن سان گڏ هيٺ ڏنل خدمتون آڇي ٿي؛

- قابليت جي بنياد تي تصديق
- اين جي او جي ڪٽ ۽ تصديق
- تربيتن ۽ صلاحيتن جي تصديق
- رابطي ۽ اطلاعات جي ٽيڪنالاجيءَ جو سهڪار
- لائبريريون ۽ امداد فراهم ڪرڻ





# روڊ تي بچاءَ وارو پروگرام

روڊ تي بچاءَ بابت تعليم جي کوٽ جي ڪري روڊن تي ماڻهن جو مري وڃڻ ۽ زخمي ٿيڻ عام آهي ۽ انهيءَ ڪري ماڻهن جي صحت جي حوالي سان اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو نظر انداز ڪيل مسئلو آهي. 21 صديءَ جي پهرين سال ۾ سموري دنيا ۾ اٽڪل 12لک ماڻهن جو موت ۽ پنج ڪروڙ ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جو سبب بيماريون، جنگيون يا وري ڪي قدرتي آفتون نه پر ان جو سبب روڊ حادثا آهن. اڪثر ڪري ٻار تيز رفتاريءَ سان ايندڙ گاڏين ڪي ڌيان ۾ رکڻ ڪانسواءِ ئي لاپرواهيءَ يا اٽڪاٽائيءَ ۾ روڊ پار ڪندا آهن ۽ پوءِ پريشان ٿيڻ جي صورت ۾ اتي ئي ڪو اهڙو فيصلو ڪري وٺندا آهن جيڪو موتمار ثابت ٿي سگهي ٿو، انهيءَ ڪري روڊ تي بچاءَ بابت صحيح ڄاڻ جي کوٽ روڊ تي ٻارن جي زندگين ڪي تمام وڏي خطري ۾ آڻي سگهي ٿي.

تنهنڪري اها اسان سڀني جي ۽ خاص ڪري اسڪولن، تعليمي ادارن ۽ استادن تي اها خاص ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو ٻارن ڪي روڊن تي بچاءَ بابت تعليم ڏيڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن. انهيءَ ڏس ۾ سنڌ ايجو ڪيشن فائونڊيشن، ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ ۽ روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي تعاون سان روڊ تي بچاءَ بابت تعليمي پروگرام جي شروعات ڄامشورو، خيرپور، لاڙڪاڻو ۽ دادو جي هڪ سئو اسڪولن کان ڪري چڪي آهي. انهيءَ حوالي سان جيڪڏهن اوهان پاڪستان ۾ روڊ تي بچاءَ واري پروگرام متعلق وڌيڪ ڄاڻ گهرو ٿا ته اسانجي ويب سائيٽ وزٽ ڪيو : www.sef.org.pk/rsep.asp




(کاٻي کان ساڄي) پروفيسر انيتا غلام علي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايس اِي ايف، ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي منسٽر آف انٽر پراونشل ڪو آرڊينيٽر گورنمينٽ آف سنڌ ۽ فيصل سعود، سيڪريٽري ورڪس ايند سروس ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ RSEP جي اختتامي پروگرام جي موقعي تي سيمينار ۾ ويٺل آهن.




محترم اعجاز علي خان، ڊائريڪٽر جنرل روڊ سيڪٽر ڊوويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ (سڄي پاسي) RSEP جي استاد کي سرٽيفڪيٽ ڏيندي.

## محفوظ روڊ _محفوظ ٻار

## سيليبريٽنگ پاڪستان پايونيئرس روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام

روڊ تي بچاءَ واري تعليمي پروگرام (Road Safety Education Programme) جي اختتامي سيمينار "محفوظ روڊ –محفوظ ٻار Safe Roads-Safe Education جي عنوان تحت جولاءِ 2007 ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان منعقد ڪيو ويو.

انهيءَ سيمينار جو احتمام انهيءَ ڪاميابيءَ کي مڃتا ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو هو جنهن جي ذريعي ٻارن جي ڀلائيءَ ۽ انهن جي بچاءَ خاطر شروع ڪيل پاڪستان جي هڪ بلڪل انوکي ۽ انتهائي اهم تعليمي سرگرمي جي شروعات ڪئي وئي. سيمينار ۾ پاڪستان اندر ٻارن جي ڀلائيءَ ۽ محفوظ زندگيءَ بابت جديد نوعيت واري تعليمي اڳيرائيءَ جي حاصلاتن تي غور ڪيو ويو. سڄي ڏينهن واري انهيءَ سيمينار ۾ سماجي ۽ شهري جماعتن سان گڏ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. پروگرام جو مهمانِ خاص محترم ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي منسٽر آف انٽر پراونشل ڪوآرڊينيشن هو. تقريرون ڪندڙ معزز مهمانن ۾ محترم عزيز احمد ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آف روڊ سيفٽي سيڪريٽريٽ، محترم فيصل سعود ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ، پروفيسر انيتا غلام علي مئنيجنگ ڊائريڪٽر SEF، محترم اعجاز علي خان ڊائريڪٽر جنرل روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ، ليفٽيننٽ ريٽائرڊ محترم معين الدين حيدر اڳوڻو گورنر سنڌ، محمود علي ڪاظمي برٽش پيٽروليم پاڪستان شامل هئا.

سيمينار ۾ موجود مقررن ان ڳالهه تي تمام گهڻو زور ڏنو ته سموري دنيا ۾ اسڪولن اندر پڙهايو ويندڙ نصاب ۾ اڳ ئي روڊ تي بچاءَ بابت مواد موجود آهي، جنهن ۾ ٻارن کي سيکاريو وڃي ٿو ته روڊ تي هلڻ دوران ٽرئفڪ واري ماحول ۾ ڪيئن احتياط ڪجي. انهيءَ جو فائدو اهو ٿيو جو روڊ حادثن ۾ قابل قدر گهٽتائي آئي آهي. مقررن SEF, RSDD ۽ ADB جي پاڪستان ۾ روڊ تي بچاءَ بابت تعليمي حوالي سان ڪيل اهڙي اڳيرائيءَ جي ساراهه پڻ ڪئي.

پروفيسر انيتا غلام علي سيمينار ۾ تقرير ڪندي ان ڪڙيءَ حقيقت ڏي ڌيان ڇڪايو ته حادثو صرف هڪ واقعو نه آهي پر ان هڪ واقعي جي ڪري پورو خاندان پوڳيندو آهي، خاص ڪري اهي ماڻهو جيڪي غربت منجهه گذارين ٿا. پروفيسر انيتا غلام علي تقرير ڪندي ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته روڊ تي هلندڙ هر ماڻهوءَ جي حفاظت ڪرڻ جي ذميواري صرف حڪومت جي نه آهي پر اها هر ان ماڻهوءَ جي معاشرتي ذميواري آهي جيڪو روڊ جو استعمال ڪندڙ هلندي، سائيڪل هلائيندي يا گاڏي هلائيندي ڪري ٿو ۽ ان کي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻو پوندو ته هو روڊ تي پاڻ ۽ ٻين کي محفوظ رکي.

## جيترو قاعدو اوترو فائدو
# روڊ تي بچاءَ بابت حقيقي ڪردارن ۽ واقعن تي مشتمل ڊاڪيو ڊرامو

پاڪستان ۾ روزانو ٻارن جو هڪ تمام وڏو انگ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ اسڪول ڏانهن ايندي ويندي، ڪم ڪار ڪندي يا روڊن جي پرسان راند روند ڪندي روڊ تي موجود ٽرئفڪ سان آمهون سامهون ٿئي ٿو. اهڙي قسم جي حقيقت سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ته هو هڪ اهڙي قسم جي حڪمت عملي ٺاهي جنهن ذريعي ٻارن کي روڊ جي اهميت ۽ ان تي بچاءَ بابت آگاهي ڏني وڃي. انهيءَ لاءِ SEF جي روڊ تي بچاءَ بابت ڪم ڪندڙ ٽيم طرفان حقيقي واقعن تي مشتمل ڊاڪيو ڊرامو تيار ڪيو ويو جنهن جو بنيادي مقصد ٻارن کي روڊ تي بچاءَ بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي.

ڊرامي ۾ بنيادي طرح عام فهم انداز سان انهن سمورن مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو آهي جيڪي پاڪستان ۾ هر عام ماڻهوءَ سان روڊ تي ٽرئفڪ دوران لاڳو آهن ۽ ڊرامي جي پيغام ذريعي اها ڳالهه سمورن ٻارن ۽ وڏن تائين پهچائي وئي آهي ۽ انهن کي اهو سيڪاريو ويو آ هي ته روڊ تي بچاءَ بابت ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن. سڪڻ جي انهيءَ نئين انداز کي اسڪولن ۽ ٻين پروگرامن ۾ ڏيکاريو ويندو ته جيئن ٻار ان ڊرامي منجهان تفريح حاصل ڪرڻ سان گڏ ڄاڻ به حاصل ڪن.

حقيقي واقعن ۽ ڪردارن تي مشتمل اهو ڊرامو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي RSEP روڊ تي بچاءَ بابت تعليمي پروگرام جو حصو آهي ۽ جنهن جي ٺاهڻ ۾ سنڌ حڪومت جي RSDD ڊپارٽمينٽ جو پڻ سهڪار شامل آهي.







## جيڪڏهن اوهان پاڪستان پائيونيئرنگ جي روڊ سيفٽي پروگرام بابت وڌيڪ ڄاڻ گهرو ٿا

ته ڏسو اسان جي ويب سائيٽ

**www.sef.org.pk/rsep.asp**

# چائلڊ ڊويلپمينٽ سينٽر ۾ امن لاءِ تعليمي سرگرميون

2007 جي گرمين ۾ سموريءَ دنيا اندر امن جي واڌاري لاءِ 100 منصوبن جي شروعات ڪئي وئي. انهن منصوبن جي شروعات آمريڪا ۾ رهندڙ Ms. Katherine Wasserman Davis جي مهرباني سان ٿي جنهن عالمي نقط نظر ۽ انساني همدردي جي بنياد تي پنهنجي 100 جنم ڏڻ تي سموري دنيا ۾ امن جي واڌاري لاءِ 10 لک ڊالر عطيي طور ڏنا.

پاڪستان ۾ (Education for Peace) "علم امن لاءِ" جي عنوان تحت جون 2007 ۾ انهيءَ امن منصوبي جي شروعات چائيلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام CLEP جي Child Development Centre ۾ ٿي. پروگرام جو بنيادي مقصد نوجوانن ۾ امن لاءِ جاڳرتا ۽ شعور پيدا ڪرڻ سان گڏو گڏ ڪين امن جي اهميت سمجهائڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ هو. (CDC) جي امن پروگرام جو بنيادي مول متن امن کي ان جي اصل حالت ۾ سمجهڻ ۽ متضاد لاڙن ۽ متضاد ثقافتن جي ماڻهن ۾ هڪ ٻئي کي قبولڻ جوڳو رويو پيدا ڪرڻ هو. هن پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪراچي گرامر اسڪول جي والنٽيئرس ۽ پروگرام جي ٽيم ميمبرن جو سهڪار شامل هو. امن منصوبي جي ان ٻن مهينن ۾ مختلف پروگرامن ذريعي سماجي ۽ علمي سرگرميون منعقد ڪيون ويون جن ۾ ديوارن تي نقش نگاري، مصوري جي نمائش، ثقافتي شو، ڪلاسن ۾ تربيتي ليڪچرجهڙيون سرگرميون شامل هيون.

# جنرل (رٽائرڊ) معين الدين حيدر سان ڳالهه ٻولهه

**پاڪستان جي سموري تعليمي نظام کي اوهان پنهنجي تجربن موجب ڪيئن ٿا ڏسو.؟**

پاڪستان جي تعليم جي صورتحال مطمئن ڪندڙ نہ آهي ڇو تہ ان سيڪٽر کي ايترا وسيلا ناهن مهيا ڪيا ويا ۽ جيترا محدود وسيلا مهيا ڪيا ويا آهن انهن جو استعمال صحيح نہ ٿي رهيو آهي يا ڪيترين حالتن ۾ تہ انهن جو استعمال ئي نہ ٿو ٿئي. وسيلن جو صحيح استعمال ان ڪري نہ ٿي سگهيو آهي تہ هتي تربيت ۽ جاچ واري نظام جي کوٽ آهي. هتي مقامي حڪومتن ۽ والدين جي شموليت جي بہ کوٽ آهي. اسان تعليم کي اوليتن جي بنياد تي اهميت نہ ٿا ڏيون ۽ ايستائين جو اهو سمجهڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيون تہ اڻپڙهيل ماڻهو اسان جي ملڪ لاءِ ڪيترا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا، جتي بہ با مقصد تعليم لاڳو ڪئي وئي آهي اتي ماڻهن جا بند ذهن روشن ٿيا آهن ۽ ملڪ ترقي ڪئي آهي. البتہ مان ان ڳالهہ کي ساراهيان ٿو تہ هتي اعليٰ تعليم لاءِ هاڻ ڪافي سيڙپ ڪئي وئي آهي. انهيءَ حوالي سان داخلا جو تعداد وڌي رهيو آهي ۽ اعليٰ تعليم اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر ٿي آهي. ان معاملي ۾ اجان گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي.



**توهان جي خيال ۾ تعليم جي حوالي سان خانگي تعليمي ادارن جو ڪردار ڪهڙو آهي ؟**

خانگي ۽ نجي شعبو بہ پنهنجو ڪردار نڀائي رهيو آهي. جيڪڏهن اهي نہ هجن ها تہ شايد نجي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻاراڄ يا تہ گهٽين ۾ هجن ها يا سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهن ها جيڪا ڳالهہ اڳ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ هجي ها. ان سان گڏو گڏ نجي اسڪولن کي پنهنجي انتظام هلائڻ لاءِ هڪ مخصوص طريقيڪار موجود آهي، اهو اُن ڪري تہ انهن ادارن وٽ هڪ ٻئي سان مقابلي ڪرڻ جو رجحان موجود آهي ۽ اهي لڳاتار پنهنجي اداري کي بهتر ڪندا رهن ٿا. نجي اسڪولن جي واڌاري سان والدين تمام گهڻا باخبر ٿيا آهن جيڪڏهن ڪو اسڪول سٺي ساک رکندڙ ناهي تہ هو ان ۾ پنهنجي ٻارن کي داخلا وٺي نہ ڏيندا. اڄڪلهہ نجي يونيورسٽيون، سرڪاري يونيورسٽين کان تعداد ۾ گهڻيون آهن. اهي مهانگيون ٿي سگهن ٿيون ڇو تہ انهن کي تمام گهڻا ڳرا ٽيڪس ادا ڪرڻا پون ٿا ۽ ڪمرشل بنيادن تي بجلي ۽ ٻيا بل پڻ ڀرڻا پون ٿا.

**ڇا اوهان اهو سمجهو ٿا تہ سرڪاري اسڪول پڻ تعليم مهيا ڪرڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار صحيح طريقي سان ادا ڪري رهيا آهن ؟**

بلڪل، ڪافي اهڙا ٻار آهن جن جي نجي اسڪولن تائين پهچ ناممڪن آهي. خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ جتي تمام گهٽ نجي اسڪول آهن. تنهنڪري اتي تعليم مهيا ڪرڻ جو سمورو بار صرف ۽ صرف سرڪار جي ڪلهن تي آهي. مان اها ڳالهہ تسليم ڪيان ٿو تہ انهن تعليمي ادارن ۾ انهن جي تعليم بهتر ٿي سگهي آهي. پر اسان مان هر هڪ کي اها ڳالهہ بہ مڃڻ گهرجي تہ اهي اسڪولن ۾ ايندڙ شاگردن کي صرف ڪجهہ ڄاڻ مهيا ڪن ٿا. سرڪاري اسڪولن جو ڪردار تمام گهڻو اهم آهي پر انهن جي ڪردار کي اڃان وڌيڪ بهتر ڪرڻو پوندو.

**توهان ڇا ٿا سمجهو تہ سول سوسائٽي تعليم جي حوالي سان ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟**

اها تمام گهڻي اهم ڳالهہ آهي تہ والدين ۽ سول سوسائٽي بہ انهيءَ ڪم ۾ شامل ٿئي خاص ڪري انهن سرڪاري اسڪولن ۾ جن جا وسيلا تمام گهٽ آهن. مان اڪثر ڪري سوچيندو آهيان تہ انهن سمورن ڏوراهن ضلعن ۾ مون جهڙا ڪوڙ سارا رٽائرڊ آفيسر ضرور موجود هوندا. تہ پوءِ هو پنهنجي گهرن ۾ ڇو ويٺا آهن؟ اهي پنهنجي ڪميونٽيءَ جي اسڪولن ۾ ڇو نہ ٿا شامل ٿين جتي شايد انهن جا پنهنجا پوٽا ۽ ڏوهٽا بہ پڙهن ٿا ۽ اهي اسڪولن ۾ پنهنجون خدمتون ڇو نہ ٿا آڇن...؟ اهي اسڪول جي بهتريءَ، انتظام ۽ پڙهائڻ ۾ پنهنجون خدمتون آڇي سگهن ٿا، جيڪڏهن اتي استاد موجود نہ آهن ۽ اسڪولن جي بهتر تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم بہ ڪري سگهن ٿا. سول سوسائٽي کي گهر ۾ ويهڻ ۽ حڪومت تي تنقيد ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ جو احساس هجڻ گهرجي ۽ اسان کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

**سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سنڌ ۾ تعليم جي حالتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت کان ڪم ڪري رهي آهي. توهان فائونڊيشن جي ادا ڪيل ڪردار کي ڪيئن ڏسي رهيا آهيو؟**

مان اوهان جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پروفيسر انيتا غلام علي جي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان. هوءَ تمام گهڻي همت واري ۽ سمجهدار عورت آهي ۽ سول سوسائٽي جي حوالي سان هن تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. هن کي تعليم جي فيلڊ ۾ تمام گهڻو تجربو آهي ۽ هن پنهنجي حصي پٽي جو ڪردار نڀايو آهي ۽ مسلسل نڀائي رهي آهي. مان اوهان جن ڪيترن ئي پروگرامن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي آهي. توهان جا گهڻا پروگرام جهڙوڪ ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام پنهنجي پر ۾ پاڪستان ۾ هڪ نئون پروگرام آهي جڏهن تہ ان پروگرام دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪاميابي ماڻي آهي. 1998ع ۾SEF جڏهن ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام شروع ڪيو هو تہ مان ان پروگرام تحت هڪ اسڪول کي پاڻ ايڊاپٽ ڪيو هو، تنهن وقت مان گورنر هيس. اسان هڪ الڳ سيل قائم ڪيو جنهن جو ڪم اهو هو تہ گهڻي کان گهڻا اسڪول تنظيمن ۽ فردن کان ايڊاپٽ ڪرايا وڃن. اسان کي ان ڪم تي فخر هو ۽ انهيءَ حوالي سان مان ٻين صوبن جي گورنرن پڻ کي دعوت ڏني هئي ۽ انهن کي ان پروگرام بابت آگاهہ ڪيو هو تہ هو بہ پنهنجن صوبن ۾ ان پروگرام کي لاڳو ڪن. مان هن وقت تائين انهيءَ پروگرام جو زبردست حامي آهيان، مان محسوس ڪيان ٿو تہ ايڊاپٽ اي اسڪول جي نيٽ ورڪ کي وڌائڻو پوندو ۽ اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ انهن مان هر هڪ اسڪول وابستہ شهرين طرفان ايڊاپٽ ڪيو ويو آهي.

**ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) معين الدين حيدر سنڌ جو اڳوڻو انٽيريئر منسٽر ۽ اڳوڻو گورنر سنڌ رهي چڪو آهي. انهيءَ سان گڏ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ذريعي ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام تحت سرڪاري اسڪولن کي ايڊاپٽ ڪندڙ پڻ رهيو آهي.**



FSP جي تربيتي ويهڪن ۾ ٽيچرز گڏيل سرگرمي ڪندي.

## استادن لاءِ
## نصابي تربيت تي مشتمل پروگرام

فيلو شپ اسڪول پروگرام طرفان نصاب بابت اداري سان ڪم ڪندڙ 350 استادن جي ٽن ڏينهن تي مشتمل تربيت ڪلسٽر وائيز ڪرائي وئي. تربيت جو بندوبست والدين تعليمي ڪميٽين ۽ سماجي ڪم ڪندڙ فردن جي سهڪار سان ڪيو ويو. تربيت جولاءِ ۽ آگسٽ 2007ع جي ٻن مهينن دوران ڏني وئي جنهن جو بنيادي مقصد انگريزي، حساب، سائنس، سماجي اڀياس ۽ ٻولين جي نصابن ۾ جديد سکيا جي اصولن کي اجاگر ڪرڻ هو. تربيت ۾ ڪلاس روم جي انتظام، نصاب جي ساليانی رٿابندي ۽ سکيا جي گهڻ طرفي درجہ بندي ڪرڻ بابت بہ سيشن شامل هئا.

# اسڪول جي بهتري ۽ استادن جي ماهرانہ خوبين کي حاصل ڪرڻ لاءِ استادن جي تربيت



اسپيپ جي هڪ ٽريننگ سيشن دوران ٽيچرس گروپ ايڪٽوٽي ڪندي

جيئن تہ گهٽ قيمتن تي پڙهائيندڙ پرائيويٽ اسڪول(SPIEP) جي پروگرام جو حصو آهن ان لاءِ استادن جي وسيع تربيتي پروگرام جو انعقاد ڪيو ويو تہ جيئن اهي اعليٰ تعليم جي فراهمي ۽ ادارتي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. ٽن ڏينهن جي استادن جي تربيت "School Improvement and Pedagogical Excellence through child Centered Learning and Parental Involvement." جي عنوان تحت منعقد ڪئي وئي، ان جو مقصد اسڪولن اندر استادن جي ڪردار کي واضع ڪرڻ هو. تربيت ۾ جن موضوعن کي زير بحث آندو ويو انهن ۾ "School Improvement Plan, Child Centered Approaches, Activity Based Learning and Thematic Based Learning" شامل هئا ۽ انهن ۾ رياضي، انگريزي ۽ سائنس جا سبجيڪٽ پڻ شامل هئا. ان تربيت ۾ شاگردن جي چيلينجنگ روين کي بهتر ڪرڻ سان گڏو گڏهن تربيتي ڪورس جي پورائي ڪان پوءِ استادن کي ٽن مهينن تي مشتمل ايڪشن پلان جي تياري ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو طريقہ ڪارپڻ سيڪاريو ويو. SPEIP جي دائري ڪار ۾ ڪم ڪندڙ 297 اسڪولن جي هر هڪ اسڪول مان چونڊ ڪيل ٻن استادن کي تربيت ڏني وئي ۽ تربيت دوران استادن کي اٺن ڪلسٽرن ۾ ورهايو ويو. ان تربيت ۾ سنڌ جي ڇهن ضلعن ڪراچي، حيدرآباد، دادو، بدين، ٺٽہ ۽ خيرپور جي اسڪولن مان استادن شرڪت ڪئي. اها تربيت ان اعتقاد تحت منعقد ڪئي وئي تہ سکڻ جو عمل هڪ قدرتي عمل آهي ۽ اهو هر شخص ۾ ان جي شخصيت مطابق بنهہ مختلف هجي ٿو ۽ اهو سکڻ جو عمل تڏهن ئي بهتر طريقي سان سر انجام ڏيئي سگهجي ٿو جڏهن هر ٻار جي پيدائشي خوبين کي سمجهجي ۽ انهن خوبين جو احترام ڪجي. تعليم جي معيار کي بهتر ڪرڻ ۽ اسڪولن اندر بهتر قسم جون تبديليون آڻڻ لاءِ اهو انتهائي ضروري آهي تہ سمورا استاد، والدين ۽ سهڪاري دوست/مالي سهڪار ڪندڙ سکيا جي انهن محرڪات بابت باخبر هجن ۽ اسڪولن اندر ٻارن جي سکڻ واري ان عمل ۾ ضرور شريڪ ٿين. البتہ استاد ئي پڙهائڻ واري ان عمل ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندڙ آهن ۽ اهڙي قسم جي تربيتن جو بنيادي مقصد بہ اهو ئي هوندو آهي تہ استاد پنهنجو واجبي ڪردار ادا ڪندي تعليم جي معيار کي بهتر ڪن.

## سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ويب سائيٽ هڪ نئين انداز سان

SEF جي ويب سائيٽ www.sef.org.pk هاڻ هڪ نئين انداز سان موجود آهي. قابل قدر سڌارن ۽ واڌارن ڪانپوءِ ويب سائيٽ تي هاڻ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سمورين سرگرمين بابت ڄاڻ موجود آهي جيڪا سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان سهڪاري NGO's/CBO's ۽ ٻين تعليمي ۽ سماجي تنظيمن لاءِ مددگار ثابت ٿيندي.

ويب سائيٽ ذريعي اداري جي ڪمن جي جوڙ جڪ جو سرسري جائزو وٺي سگهجي ٿو جن تحت فائونڊيشن پنهنجون پيش قدميون سرانجام ڏئي ٿي. ويب سائيٽ تي SEF جي ڇپيل مواد، تحقيقي لکڻين ۽ مختلف رسالن بابت مڪمل طور تي هڪ الڳ حصو ٺاهيو ويو آهي جتان ڪو بہ پڙهندڙ سولائيءَ سان اداري بابت مواد حاصل ڪري سگهي ٿو. ويب سائيٽ ڏسندڙن لاءِ تصويرن جي گئلري جو پڻ اضافو ڪيو ويو آهي تہ جيئن انهن کي مختلف ڪميونٽين سان SEF جي ڪيل ڪمن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي.

ويب سائيٽ کي بهتر ۽ وڌندڙ بنائڻ لاءِ اجان بہ لڳا تار ڪم جاري آهي، تنهنڪري اسان جي ويب سائيٽ ڏسندا رهو تہ جيئن اوهان اهو ڄاڻي سگهو تہ SEF وٽ هر ايندڙ وقت ۾ ڪهڙا ڪهڙا نوان ڪم ڪرڻ لاءِ موجود آهن.



# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي پروگرامن تي مٿاڇري نظر

## تنظيمي ڍانچو

| | |
|---|---|
| فائونڊيشن جو قيام | 1992ع |
| بورڊ جو چيئرمين | چيف ايگزيڪيوٽو ، سنڌ |
| بورڊ جو وائيس چيئرمين | وزير تعليم سنڌ |
| مئنيجنگ ڊائريڪٽر | پروفيسر انيتا غلام علي (ستاره امتياز) |
| سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا اغراض و مقاصد | ڪميونٽي بيسڊ اسڪولنگ، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ، ايجوڪيشنل انوويشنس، ڪوالٽي اشورنس |
| پروگرام جون جدتون | صحت بابت تعليم، ماحوليات بابت تعليم، سُر ساز ۽ موسيقيت بابت فني تعليم، گهڻ رخين ذهانتن جي نشوونما، تربيتي ماحول، ملڪي ۽ مقامي معلومات، روڊ تي بچاءَ جي تعليم |
| تنظيمي جدّتون | مارڪيٽنگ ايڊووڪيسي اينڊ پبليڪيشن،پروگرام سپورٽ اينڊ ڊولپيمنٽ، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ، ايجوڪيشن ڊويلپمينٽ اينڊ ريسرچ، مانيٽرنگ اينڊ ايويليوئيشن، لرننگ سپورٽ اينڊ ڊويلپمينٽ |
| اسان بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو | www.sef.org.pk |

## پروگرامز / پراجيڪٽس

| | |
|---|---|
| انگريزي ٻوليءَ جي سکيا وارو پروگرام (ACCESS) | 02 مرڪز |
| ايڊاپٽ - اي- اسڪول پروگرام | 222 اسڪول |
| چائيلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام | 01 مرڪز |
| ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز پروگرام | 100 اسڪول |
| فيلوشپ اسڪولز پروگرام | 104 اسڪول |
| هوم اسڪولز پروگرام | 100 اسڪول |
| ڪوالٽي اشوئرنس ريسورس سينٽر | 01 مرڪز |
| روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام | 100 اسڪول |
| سپورٽ ٽو پرائيويٽ ايجوڪيشن انسٽي ٽيوٽس پروگرام | 297 اسڪول |
| وومن لٽريسي اينڊ ايمپاورمينٽ پروگرام | 40 مرڪز |

## ايس اي ايف جي سابق ڊائريڪٽر، جناب مشهود رضوي کي ڊنل الوداعي پارٽي




جناب مشهود الحسن رضوي مسلسل ڏهه سال خدمتن سرانجام ڏيڻ کان پوءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي الوداع ڪري ويو. ايس اي ايف جي تاريخ ۾ پهرين ڊائريڪٽر هجڻ جي حيثيت سان جناب مشهود الحسن رضوي پنهنجي سموري دور ۾ مُکيه تبديليون آنديون. هن فائنڊيشن جي پورٽ فوليو جي وڌاءُ ۽ بهتريءَ لاءِ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ ايس اي ايف کي هڪ اڳواٽي ڪرڻ واري ڊولپمينٽ سيڪٽر آرگنائيزيشن جي حيثيت سان مضبوط ڪرڻ سان گڏو گڏ ترقي پڻ وٺرائي جنهن جي ڪري اڄ ايس اي ايف وڏي پئماني تي هڪ مثالي اداري جي حيثيت سان سڃاتي وڃي ٿي. جناب مشهود رضوي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ لاءِ پڻ هڪ تمام وڏو سهڪاري ڪردار ادا ڪيو جنهن تحت تعليم جي معيار ۽ پهچ ۾ پڻ اضافو آيو.اهي ڪوششون اڄ ڏينهن تائين هڪ ترتيب مطابق ڪيترن ئي شراڪتي ڪاروبار جي تحت سنڌ جي پنٽي پيل ۽ ڏورانهن علائقن ۾ ايس اي ايف جي شروع ڪيل تعليمي سرگرمين جي صورت ۾ هلي رهيون آهن. هن اداري ۾ ڪيترن ئي رسالن جو بنياد انهي سوچ تحت وڌو ته تعليم ۽ ترقيءَ سان وابسطہ انتهائي پيچيده مسئلن متعلق فردن جي ذهني سطح ۾ واڌارو آڻجي. جناب رضوي ذاتي طور تي برٽش ڪائونسل ۾ (سنڌ ۽ بلوچستان) جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ويو آهي، پر ان سان گڏو گڏ هي فائونڊيشن جو بهترين دوست ۽ قابل پروسي وارو صلاحڪار پڻ رهندو.اسان جي دعا آهي ته هو مستقبل ۾ پنهنجين ڪوشش سان گهٽي کان گهٽيون ڪاميابيون حاصل ڪري.اداري جي هيڊ آفيس ڪراچيءَ جي پوري اسٽاف ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ الوداعي پارٽي پڻ ڏني جنهن ۾ سندس خدمتن ۽ تعليم جي بهتريءَ لاءِ ڪيل ڪاوشن تي روشني پڻ وڌي وئي.

## مئنيجر جي سطح جون تبديليون

ايس اي ايف جي مٿئين سطح جي مئنيجمينٽ ۾ تبديليون ڪيون ويون آهن جن جو اطلاق سيپٽمبر 2007 کان ٿي چڪو آهي جن ۾ :

- عزيز ڪاباني، ڊائريڪٽر_ پروگرام، آپريشن اينڊ ريسرچ
- شڪري رحمان،ايسوسيئيٽ ڊائريڪٽر_ فنانس اينڊ پلاننگ
- محمد عبدالله عباسي، ايسوسيئيٽ ڊائريڪٽر_ ائڊمنسٽريشن اينڊ ايڇ آر

مٿئين سطح جي مئنيجمينٽ ڪي فائونڊيشن جي سموري ٽئميٽڪ فريم ورڪ ۾ سينيئر مئنيجر جي هڪ سگهاري ٽيم جو سهڪار حاصل هوندو.

# اوهان جي اطلاع لاءِ

- ايس اي ايف جي پروفيسر ريحانا مغني جون 2007ع ۾ ٽن ڏينهن جي قومي تعليمي سيمينار (Out of School Adolescents-Poverty Reduction) ۾ شرڪت ڪئي،جنهن جو احتمام بلوچستان ۾ UNESCO جي تعاون سان ڊائريڪٽوريٽ آف نان فارمل ايجوڪيشن طرفان ڪيو ويو. سيمينار جو مقصد بالغن لاءِ غير نصابي تعليم وسيلي اهڙين سرگرمين جي سڃاڻپ ڪرڻ هو جنهن سان انهن جي معيار زندگي کي بهتر ڪري سگهجي ۽ ان سان گڏ انهن سرگرمين کي ٻين جڳهن تي بہ لاڳو ڪري سگهجي.
- ويجهڙ ۾ فائونڊيشن جي ٽن ميمبرن آمريڪا جي پلائيموٿ اسٽيٽ يونيورسٽي ۾ ٽن هفتن جي (Summer Training Programme) ۾ شرڪت ڪئي. مختلف ثقافتن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي انهيءَ پروگرام جو مقصد چونڊ بهترين انتظام سنڀاليندڙن کي تحقيق جي طريقن ۽ انهن کي لاڳو ڪرڻ بابت مهارت ۽ ڄاڻ مهيا ڪرڻ هو.انهيءَ پروگرام ۾ پروفيشنل ڊويلپمينٽ بابت ڄاڻ مهيا ڪئي وئي خاص ڪري تعليم متعلق تحقيق جي طريقن،تجزين ۽ رپورٽ لکڻ بابت.سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان فائزا غلام نبي، ثروت ناز قريشي ۽ محترمہ صدف پوجاڻي شرڪت ڪئي.
- ايس اي ايف ويجهڙ ۾ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي استادن لاءِ تربيتي سيشن جو اهتمام ڪيو.تربيت جو مقصد ڪاليج جي سطح تي استادن جي تنقيدي سوچ، سبق جي رٿابندي، ڪلاس جو انتظام ۽ سکيا جي نون طريقن بابت ڄاڻ مهيا ڪرڻ هو. تربيت ڏيندڙن ۾ پرفيسر ريحانا مغني، حُسن آرا انصاري ۽ فائونڊيشن لرننگ سپورٽ يونٽ شامل هو.
- سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪميونٽي سپورٽيد اسڪول پروگرام جي مُسرت پليجو ۽ صنم ڪوکر "Helping Children to Learn More Effectively Through Health" جي ٽن ڏينهن جي تربيت ۾ شرڪت ڪئي. تربيت ۾ سٺي کاڌ خوراڪ، متوازن غذا ۽ مزيدار طريقن سان صحت متعلق تعليم ڏيڻ جي موضوعن جي ڄاڻ ڏني وئي.
- ويجهڙ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان تعلق رکندڙ علي رضا، مس معزه سرور ۽ يوشع ذڪيع الدين اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪلر شپ حاصل ڪري آڪسفورڊ يونيورسٽي ويا.